Day: Date:

**سوال:** شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ عبادت جو تصور ڪيئن بيان آهي؟ وضاحت ڪريو.

**جواب:**

## تعارف

سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار

دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح نه صرف سنڌ جو، پر پوري دنيا جو عظيم شاعر آهي. شاهه صاحب جي شاعري ۾ عبادت جو تصور، رب ڪريم جي ذات جي وحدانيت تمام بهترين ۽ موثر انداز ۾ بيان ٿيل آهي. جيئن ته شاعري ۾ عبادت جو تصور ايترو ته گهرو بيان ٿيل آهي جو انسان جو پنهنجي پاڻ تي ڪو به ضابطو نه ٿو رهي، هو پاڻ سان رب ڪريم جي آڏو سوالي ٿي ٿو.


Lareb PAPER PRODUCTS
Made in Pakistan
CamScanner

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه - 2
(1689ع - 1752ع)

مُونا جن محراب، جسو جام
تن جو،

قبلي نماز قلب ٿري، تن کي
ڪيائون ثواب،

تحقيق جي تڪبير چئي، جيسان
ڪيائون جواب،
تن ڪهڙو ڏوهه ثواب، جن
مسٽريا هادي ڏي ٿيو.

(شاهه صاحب رحه)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي
سنڌي زبان جو عظيم شاعر،
1689ع ۾ هالا ۾ پيدا ٿيو۔ شاهه
صاحب سنڌي شاعري سان
ماڻهن جي اصلاح ڪئي.
شاهه جو رسالو، سنڌ سان
ڪوشش جو ثبوت آهي
شاهه صاحب 63 سالن
جي عمر ۾ 1752ع ۾
هن فاني دنيا مان لاڏاڻو
ڪيو.

3- شاهه جي شاعري ۾ عبادت جو تصور

شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ عبادت جو تصور هيئنئين سُرڪلياڻ ۾ خوب بيان ٿيل آهي

## سُرڪلياڻ .

سُرڪلياڻ، سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "سُک".

شاعريءَ جي لحاظ کان، سرڪلياڻ ۾ رب ڪريم جي تعريف ۽ وحدانيت بيان ٿيل آهي

## سرڪلياڻ جا شعر .

### عبادت جو تصور

سرڪلياڻ ۾ عبادت جو تصور هيئنئين نموني بيان آهي:

ا- اول الله عليم اعليٰ، عالم جو ڌڻي

قادر پنهنجي قدرت سين

## قائم آهي قديم

والي واحد، وحده، رازق
رب رحيم

سو ساراهه سچو ٿئي، جيئي
حمد حڪيم

ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون
جوڙ جهان جي

سمجهاڻي: سڀ کان پهريون
نالو رب جو جو سڀ
سنسار جو مالڪ آهي
رب تعاليٰ پنهنجي قدرت
سان دائم آهي.
الله تعاليٰ ئي رزق رسان
۽ رحم ڪندڙ آهي.
سڀني تعريف رب ڪريم
جي آهي. سڄي جهان
تي ڪرم جي ٻاجهه
الله سائين جي آهي

تشريح:
هن شعر ۾ شاهه
صاحب الله تعاليٰ جي
حمد ڪئي آهي ۽ عظمت
بيان ڪري ٿو. الله تعاليٰ
هي هن جهان جو مالڪ
آهي ۽ سندس عظمت
بلند آهي. يعني عبادت
صرف هن لائق رب

جي لاءِ ڪرڻ گهرجي

ii – وحده لاشريڪ له، جڏهن جيو جن
تن مڃيو محمد ڪارڻي، هيجان سان هيئن
تنهن منجهان تن، اوتر ڪونه اولئو

سمجهاڻي: الله تعاليٰ هڪ آهي ۽ ڪو به شريڪ نه آهي. جيڪي انسان دل ۾ سچائيءَ سان محمد صلي الله عليه وسلم جو اقرار ڪيو آهي، ڪڏهن به گمراهه نه ٿيا.

تشريح:

هن بيت ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته الله تعاليٰ جي ذات اڪيلي آهي ۽ جنهن خدا سان گڏ ان جي رسول جو اقرار ڪيو آهي ڪڏهن به رلهه نه پيا.

iii – وحده لاشريڪ له، اي وهائج وي

شعر نمبر ٣

پاڻان جو نه پيئي، پيو
جام جنت جو

سمجهاڻي: الله تعاليٰ هڪ
آهي ۽ ڪو به ان جو
ثاني نه آهي. اي انسان!
تون ڪنهن ٻاهارڻين
منٿ ۾ جهان ۾ آهين.
قيامت ڏينهن، فرشتا
جنت جو پيالو پنهنجي
ڏيندءِ ته پيءُ.

تشريح:
هن شعر ۾ شاهه
صاحب فرمائي ٿو ته
الله تعاليٰ جو ڪو به
ثاني نه آهي. تون به
اهو سچ پلي لوءِ هن
جهان ۾ ڪهاڙا ٿين يا
ڪنهن ٻي آخرت ۾
ملائڪ تو کي
جنت جو پيالو پيڙي
ڏيندا ته پيئي.

وحده لاشريڪ له، هيڪڙائي ١٧
سڀ حق

ٻيائي ۾ ٻيڪ جن وڌو
سڀني وڃيا

سمجھاڻي: الله تعاليٰ جي ذات هڪ آهي. الله تعاليٰ کي هڪ آهي پڙهجي دل ۾ پيا سڀ گمان ڪڍجن، ڇڏي ته جيئن سڌي راهه لهين.

تشريح: هن شعر ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته جڏهن انسان الله جي ذات کي هڪ ڪري مڃي ٿو ته پيا سڀ شڪ پڙهجي دل مان ڪڍي ٿو ته اهڙو انسان عبادت جي ذريعي سڌي راهه تي هلي ٿو.

۲- تون جپ، الله هيڪڙو، وائي ٻي وسار،

تن ۾ تند تنوار، سدا سپرين جي

سمجھاڻي: الله تعاليٰ جي ذات هڪ آهي. ٻيون سڀ ڳالهيون وساري ڇڏ. ان رب جي ذات کي پنهنجي اندر ۾ هر پل ياد ڪر.

تشريح: هن بيت ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته اي

انسان! تون سڀ ڪجھ وساري
ڇڏي ۽ پنهنجي دل ۾
هر پل ۽ هر گهڙي
الله جي ذات کي پيو
ياد ڪر. جو هو عبادت
جي لائق صرف
رب جي ذات واحد
آهي.

خلاصو -4

تون جيئن الله هيڪڙو،
وائي ٻيو وساري ڇڏ،

تن ڌڻين سين ڳنڍ،
سچي ساجهر پيادوم

(شاعر صاحب رحه)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي
دنيا جو عظيم شاعر آهي.
سندن شاعري ۾
عبادت جو تصور الله جي
وحدانيت ۽ تعريف
سان ڀريل آهي ۽
انسان کي ڪامل هدايت
جي واٽ ڏيکاري
ٿي.